# حضور اڪرم ﷺ جي مبارڪ
# نَعلين جي نقش
# جون برڪتون

**20 August 2026**

(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان



**20 آگسٽ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 6 ربيع الاول شريف 1448ھ)**
**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

**قرآني بيان**
**بنام**

# حضور اکرم ﷺ جي مبارڪ نعلين جي نقش جون برڪتون
## ﴿نَعْلَيْنِ شريف ۽ نقشِ نعلِ پاڪ جون فضيلتون ۽ برڪتون﴾

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ نعلِ پاڪ جون فضيلتون
✿... الله جي رضا حاصل ڪرڻ جو نسخو
✿... نقشِ نعلِ پاڪ جون برڪتون
✿... انبياءِ ڪرام جا نعلين سُڪون جو باعث هوندا آهن

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کان روايت آهي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو :چمڪندڙ رات ۽ روشن ڏينهن ۾ مون تي درود موڪليو، بيشڪ توهان جو درود مون وٽ پيش ڪيو ويندو آهي، مان توهان جي لاءِ دعا گهرندو آهيان ۽ استغفار ڪندو آهيان.[1]

**وضاحت:** چمڪندڙ رات مان مراد جمعي جي رات (يعني اڄوڪي رات) ۽ روشن ڏينهن مان مراد جمعي جو مبارڪ ڏينهن آهي.[2]

آنکھوں سے کیا دَریا جارِی اور لب پہ دُعا پیاری پیاری
رَو رَو کے گزاری شب ساری، اے حامیِٔ اُمّت کیا کہنا...!!

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ پياري فضيلت آهي! پيارا محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن لاءِ دعائون بہ فرمائي رهيا آهن، استغفار بہ فرمائي رهيا آهن. دعاءِ مصطفيٰ جو تہ ماشَآءَ الله! شان ئي اهڙو آهي جو بس هٿ کڃڻ جي دير هوندي آهي، سڀ بگڙيل ڪم سنورجي ويندا آهن. مولانا حسن رضا

1 ... الدر المنضود، الفصل الرابع، صفحہ:93۔
2 ... الدر المنضود، الفصل الرابع، صفحہ:93۔

خان صاحب رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ لکن ٿا:

مَقۡبول ہیں اَبرو کے اِشارے سے دُعائیں | کب تیر کماندارِ نبوت کا خطا ہو (1)

**يعني** محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ اَبرُن (ڀِرُن) جو رڳو اشارو ٿي وڃي ته دعائون پوريون ٿي وينديون آهن، هي اهو مقدس تير آهي، جيڪو ڪڏهن خطا نه ٿيندو آهي.

غور فرمايو! ته جڏهن رسولن جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان جي لاءِ دعا فرمائيندا ته پوءِ بگڙيل ڪم ڪيئن نه سنورجي ويندا! تنهنڪري اسان کي گهرجي ته درود پاڪ پڙهڻ پنهنجي عادت بڻايون، خصوصاً شبِ جمعه (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) ۽ جمعي جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهندا رهون. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي.

حکمِ حق ہے پڑھو! درود شریف | چھوڑو مت غافِلو! درود شریف
پڑھ کے ایک بار، پاؤ دس رحمتیں | خُوب سَودا ہے لو! درود شریف
خُود خُدا بھیجتا ہے اُن پر درود | تم بھی بھیجا کرو! درود شریف
آخرت کے سفر کو اے بیدلؔ! | نوشتہ تم لے چلو! درود شریف (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(3)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي،

1...ذوقِ نعت، صفحه:207.
2...نورِ ايمان، صفحه:39.
3...بخاری، كِتَاب بَدءِ الۡوَحی، صفحه:65، حديث:1.

اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰہ! ربيعُ الأول شريف جو بابرڪت مهينو پنهنجين برڪتن سان اسان کي نوازي رهيو آهي، هر طرف رونق لڳي پئي آهي، اُنهن جو ذڪرِ پاڪ تہ ڪڏهن رڪجندو ئي نہ آهي، گهٽ ٿيندو ئي نہ آهي، البتہ ربيعُ الاول ۾ عاشقانِ جي دلين کي اجاڻ وڏيڪ زنده ڪري ڇڏيندو آهي، جڳهہ جڳهہ تي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ميلاد جون محفلون سجي رهيون آهن، عاشقانِ رسول پنهنجن گهرن کي ذڪرِ مصطفيٰ سان جنت نما بڻائڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهن. الله پاڪ اسان کي هن مقدس، مبارڪ مهيني جون خوب برڪتون نصيب فرمائي.

جب تلک یہ چاند تارے جھلملاتے جائیں گے | تب تلک جشنِ وِلادت ہم مناتے جائیں گے [1]

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان پنهنجي قسمت جو ستارو چمڪائينداسين، يعني اڄ نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن جو ذڪرِ خير ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. مان شروعات ۾ ئي نَعْلَيْن (*Sleeper*) لفظ جي معنيٰ عرض ڪري ڇڏيان ٿو، بيان ۾ بار بار عرض نہ ڪندس، چو تہ نَعْلَيْن جي جاءِ تي سنڌيءَ ۾ اسان وٽ جيڪو لفظ استعمال ٿيندو آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حق ۾ جيتوٽيڪ اهو لفظ چوڻ جائز آهي، پر دل گوارا نہ ٿي ڪري. نَعْل عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: جُتِي. نَعْل هڪ پير جي جُتي.

---

1 وسائلِ بخشش، صفحه:416۔

نَعْلَيْن ٻنهي پيرن جون جُتيون

تہ اڄ اسان پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مقدس نَعْلَيْن جو ذڪر ڪنداسين.

سُبْحٰنَ الله! ڇا شانِ نَعْلَيْنِ مصطفٰی آهي! اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہِ لکن ٿا:

تمھارے ذرّے کے پرتَو سِتَار ہائے فلک | تمھارے نَعل کی ناقص مِثَل ضیائے فلک [1]

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہِ جي عشق جو مقام ڏسو! پرتَو جي معنيٰ آهي: عڪس. اسان آئيني جي سامهون ڪا شيءِ آڻيون تہ ان شيءِ جو عڪس آئيني ۾ نظر ايندو آهي، توهان ٻہ ڄاڻو ٿا تہ آئيني جي اندر جيڪو ڪجهہ نظر ايندو آهي، اهو اصل شيءِ نہ هوندو آهي، اصل شيءِ اسان جي هٿ ۾ هوندي آهي. اسان پنهنجي هٿ ۾ جهليل شيءِ هٽائينداسين تہ آئيني مان عڪس ٻہ هٽي ويندو. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: هي جيڪي آسمان ۾ ستارا نظر ايندا آهن، رات جو خوب چمڪندا آهن ۽ اونداهي رات کي حسين بڻائي ڇڏيندا آهن، عشق جي انداز ۾ چئي رهيا آهن: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! هي آسمان ڄڻ هڪ آئينو آهي ۽ توهان جي مقدس پيرن سان لڳي جيڪي ذرڙا ڪِرندا آهن، آسمان ۾ انهن ذرڙن جو جيڪو عڪس نهندو آهي، اهو ستارن جي صورت ۾ نظر ايندو آهي.

۽ ڪيڏي نہ خوبصورت ڳالهہ چيائون:

تمھارے نعل کی ناقص مثل ضیائے فلک

**وضاحت:** ضياءِ فَلَڪ مان هتي مراد سج (*Sun*) آهي. يعني يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! توهان جهڙو ڪٿي تہ تمام گهٽو پري جي ڳالهہ آهي، توهان جي نعلِ پاڪ جي ٻہ مڪمل ۽ ڪامل مثل ڪائنات جي وسعتن ۾ ڪا شيءِ نہ ٿِي ٿي سگهي. ها! نعلِ پاڪ جو هڪ ناقص مثل هي چمڪندڙ ۽ روشن سج آهي، هي سڄي دنيا کي روشني ورهائڻ وارو سج توهان جي نعلِ پاڪ جو مقابلو تہ ڪري ئي نہ ٿو سگهي، ها! ان جي چمڪ دمڪ ڏسي، ان جو نور

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:73۔

ڏسي، ان جي روشني ڏسي گمان ٿيندو آهي تہ چڻ محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعلِ پاڪ چمڪي رهي هجي.

## قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ نعلِ پاڪ جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان نَعۡلَيۡنِ شَرِيۡفَيۡن جي عزت ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو جو الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ مٿيءَ جي انهن ذرڙن جو قسم ارشاد فرمايو آهي، جيڪي راهہ ويندي نَعۡلَيۡنِ شَرِيۡفَيۡن سان لڳندا هئا. جي ها! ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| لَاۤ اُقۡسِمُ بِهٰذَا الۡبَلَدِ ۙ (۱) وَ اَنۡتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الۡبَلَدِ ۙ (۲) (پارو: 30، سورة بلد: 1-2) | ترجموڪنزالعرفان: مون کي هن شهر جو قسم. جو اي محبوب! اوهان هن شهر ۾ تشريف فرما آهيو. |

يعني اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان جي پاڪ شهر جو قسم ....!! هي قسم ڇو ڪنيو ويو؟ مڪي پاڪ کي اِهو شان ڇو مليو جو الله پاڪ هِن شهر جو قسم ذڪر فرمايو؟ ۞ هتي ڪعبو آهي ۞ هتي صفا ۽ مروه آهن ۞ هتي مِنيٰ آهي ۞ هتي حطيم آهي ۞ هتي مقامِ ابراهيم آهي. ڇا انهن جي ڪري هي شرف مليو؟ نہ ...! نہ ...!! فرمايو ويو: اي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان کي هِن شهر جو قسم...!! ان ڪري تہ هِن شهر جي گهٽين ۾ توهان گهمندا آهيو، هِن شهر جي مٽيءَ توهان جي نَعۡلَيۡنِ شَرِيۡفَيۡن جون چُميون ورتيون آهن.

یاد فرما کر قسم حق نے زمینِ پاک کی | خاکِ نعلِ مصطفےٰ کو تاجِ شاہاں کر دیا [1]

1...قبالۀ بخشش، صفحه:19

**سُبْحٰنَ الله! جن ذرّن جي قسم ربِ ڪائنات ارشاد فرمائي، پلا ان ذرّن جو مثال ڪائنات ۾ ڪٿي ملي سگهي ٿو؟ ان ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمايو آهي:**

تمہارے نعل کی ناقص مثل ضیائے فلک

## حضرت عبدالله بن مسعود جو ذِڪرِ خير

هڪ اهم ڳالهه عرض ڪريان: هي جيڪو اعليٰ حضرت فرمايو آهي ته:

تمہارے ذرّے کے پرتَو ستارہائے فلک

هيءَ ڪا فقط شاعراڻي ڳالهه نه آهي، بلڪ حقيقت آهي. جي ها! هيءَ بلڪل سچي، پڪي ۽ مجيل حقيقت آهي. هن شعر ۾ ذري مان مراد ذرو نه آهي، ستاري مان مراد ستارو نه آهي ۽ فلڪ مان مراد فلڪ نه آهي. مان وضاحت ڪريان ٿو:

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه صحابي ٿي گذريا آهن هي تمام وڏي شان وارا صحابي آهن. ❁پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هر نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي 7 رفيق عطا ڪيا ويندا آهن، پر توهان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي 14 رفيق ڏنا ويا آهن. عرض ڪيائون: اهي ڪير ڪير آهن؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن 14 جا نالا ورتا ۽ فرمايائون: انهن مان هڪ عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه به آهي.[1]

❁حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه مفتي هئا، يعني جيئن اسان وٽ مفتي صاحبان هوندا آهن، اهڙيءَ طرح صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۾ به ڪجهه صحابه مفتيءَ جي درجي تي فائز هئا، جن کان ماڻهو پنهنجا مسئلا پڇندا هئا ۽ ڪائنڻ فتوائون وٺندا هئا. انهن مفتيّن مان هڪ تمام وڏا مفتي حضرت

1 ترمذی، ابواب المناقب عن رسول اللہ، مناقب اہل بیت النبی، صفحہ:858، حدیث:3795۔

عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْه بہ آهن[1].

۞اسان اَلحمدُلِلّٰه! حنفي آهيون. يعني امامِ اعظم ابوحنيفه رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ جي تقليد ڪندا آهيون. امامِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْه جي فتوائن تي عمل ڪندا آهن، انهن جي ئي فتوائن جي پاڻ تشريح ڪيائون، هيئن چئي سگهون ٿا ته فقهءِ حنفي اصل ۾ فيضانِ عبدالله بن مسعود آهي.

۞پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص قرآن جي ائين تلاوت ڪرڻ چاهي ٿو، جيئن قرآن نازل ٿيو آهي، ته ان کي گهرجي ته اهڙي طرح پڙهي، جيئن عبدالله بن مسعود پڙهندا آهن.[2]

هڪ حديثِ شريف ۾ فرمايائون:

رَضِيتُ لِأُمَّتِيْ مَا رَضِيَ لَهَا ابْنُ أُمِّ عَبْدٍ

**ترجمو:** مان پنهنجي امت لاءِ هر ان ڳالهه تي راضي آهيان، جنهن تي ابنِ اُمِ عبد (يعني عبدالله بن مسعود) راضي آهن.[3]

۞ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْه جون مبارڪ پِنيُون ڪجهه سنهيون هيون. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سندن پِنيُن جي باري ۾ فرمايو:

وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ، لَهُوَ اَثْقَلُ فِي الْمِيزَانِ مِنْ اُحُدٍ

**ترجمو:** يعني ان ذات جو قسم، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جانِ آهي، اِهي پِنيُون قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل ۾ اُحد جبل کان بہ وڌيڪ وزني هونديون.[4]

توهان ڏسو! حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْه کي ڪيڏو نہ اعليٰ شان عطا ٿيو آهي، سوال هي آهي ته ڪين اِهو شان ڪٿان مليو؟ ڪيئن مليو؟

1 احکام فی اصول الاحکام، جز:5، جلد:3، صفحه:151۔
2 ابن ماجه، المقدمه، فضل عبد الله بن مسعود، صفحه:36، حديث:138۔
3 مصنف ابن ابی شیبه، کتاب الفضائل، ماذکر فی عبد الله بن مسعود، جلد:7، صفحه:521، حديث:7۔
4 مسند ابو داود طيالسی، جلد:1، صفحه:278، حديث:353۔

۞ نمازون نہ ٻيا صحابي بہ پڙهندا هئا ۞ روزا نہ ٻيا صحابي بہ رکندا هئا ۞ سمورا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم نيڪ، پرهيزگار، متقي، بلڪ اهلِ تقويٰ جا امام ۽ پيشوا آهن، تہ پوءِ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي هي خاص شان ڪيئن نصيب ٿيو؟ جواب ٻڌو! حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي هڪ خاص سعادت نصيب هئي، هڪ خاص قسم جي خدمت پاڻ سرانجام ڏيندا هئا. سندن لقب آهي: صَاحِبُ النَّعْلَيْنِ وَ الْوِسَادَةِ يعني وِهاڻو مبارڪ ۽ نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن کڻڻ وارا صحابي.[1]

پيارا آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بہ ڪيڏانهن تشريف وٺي ويندا هئا تہ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ محبوب صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ وهاڻو کڻي سندن خدمت ۾ حاضر رهندا هئا، جيئن ئي پاڻ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن جاءِ تي ويهڻ جو ارادو فرمائيندا هئا تہ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اڳتي وڌي ڪري سهڻن سهڻن، پيارن پيارن، عرش جي اکين جي تارن، مقدس ۽ مبارڪ پيرن مان نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن لاهي، پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ وهاڻو پيش ڪندا هئا، وري جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اٿندا هئا يا ڪنهن ٻئي هنڌ تشريف وٺي وڃڻ جو ارادو فرمائيندا هئا تہ پاڻ اڳتي وڌي مقدس پيرن ۾ نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن پارائڻ جي سعادت حاصل ڪندا هئا ۽ وهاڻو پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيندا هئا.

سُبْحٰنَ الله! هيءَ ئي اُها خدمت آهي، جنهن جي برڪت سان حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي اِهو شان عطا ٿيو، جيڪو ڪنهن ٻئي کي عطا نہ ٿيو. علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْہِ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| اِنِّی خَدَمْتُ مِثَالَ نَعْلِ الْمُصْطَفٰی | لِاَعِيْشَ فِی الدَّارَيْنِ تَحْتَ ظِلَالِهَا |
| سَعِدَ ابْنُ مَسْعُوْدٍ بِخِدْمَةِ نَعْلِهٖ | وَ اَنَا السَّعِيْدُ بِخِدْمَتِیْ لِمِثَالِهَا(2) |

1 مستدرڪ، ڪتاب معرفة الصحابة، جلد:4، صفحہ:376، حديث:5434۔
2...سعادة الدارين، صفحہ:454۔

**ترجمو:** مان نقشِ نعلِ پاڪ جو خادم آهيان، تہ جيئن مان پنهي جهانن ۾ هن نقش پاڪ جي سايي ۾ رهان. جيئن حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہ نَعْلَیْنِ شَرِیْفَیْن جي خدمت ڪري سعادت جي معراج تي پهچي ويا،

(اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم!) مان بہ نقشِ نعلِ پاڪ جي خدمت سان سعادت وارو بڻجي ويندس

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي ڏسو اعليٰ حضرت جو شعر:

تمہارے ذرّے کے پَرتَو ستارہائے فلک

يعني اي پيارا آقا، محبوبِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! توهان جي در جي خادمن، توهان جي سچن عاشقن جو هي شان آهي جو: ۞ علم ۽ عمل جو آسمان هجي يا ۞ عظمت ۽ ولايت جو آسمان هجي ۞ عزت ۽ تقويٰ جو آسمان هجي يا ۞ امامت ۽ پيشوائي جو آسمان هجي، توهان جي در جا خادم، توهان جا سچا عاشق هر آسمان تي ستارن وانگر چمڪندا نظر ايندا آهن.

## نعلين شريف جي سلائي ڪرڻ وارا

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري نور جي محفل سجيل هئي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي وچ ۾ تشريف فرما هئا ۽ ايندڙ وقت جو ذڪر شروع ٿي ويو.

هيءَ بہ وڏي ڪمال جي ڳالهہ آهي، ڪڏهن ڪڏهن شيطان علمِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي متعلق دلين ۾ وسوسا وجهي رهيو هوندو آهي. توهان حديثون پڙهو تہ خبر پوندي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي محفلن ۾ اڪثر ڪري مستقبل جو ذڪر ٿيندو هو ۽ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ايندڙ وقتن جون حالتون اهڙيءَ طرح بيان ڪندا هئا، ڄڻ پنهنجين اکين سان ملاحظ فرمائي رهيا آهن.

خير! نور جي محفل سجيل هئي، ايندڙ وقتن بابت ڳالهه شروع ٿي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيئن قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ جي حوالي سان (يعني ماڻهن کي اهو مڃائڻ لاءِ ته قرآن واقعي الله پاڪ جو ڪلام آهي) مون کي جنگيون ڪرڻيون پيون، تمام گهڻي ڪوشش ۽ محنت ڪرڻي پئي، ائين ئي هڪ وقت ايندو، هڪ شخص قرآن ڪريم جي تفسير، تشريح ۽ ان جي صحيح معنائن جي حوالي سان جنگيون ڪندو.

اُن محفل ۾ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه به حاضر هئا. پاڻ اُٺي بينا ۽ عرض ڪيائون: اَنَا هُوَ يَا رَسُوْلَ الله؟ يعني يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اهو شخص مان آهيان؟ فرمايائون: نه. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه اُٺيا ۽ عرض ڪيائون: ڇا اهو مان آهيان؟ فرمايائون: نه، تون به نه آهين. پر

وَلٰكِنْ خَاصِفُ النَّعْلِ

ترجمو: هي اُهو شخص آهي، جيڪو هن وقت منهنجي نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن کي سِبي رهيو آهي.

حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجا نعلين شريف ڏنا هئا ۽ ان وقت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي ڪري سبي رهيا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه، جن جو شان انتهائي بلند آهي ۞ اُهي علي، جيڪي شيرِ خدا آهن ۞ اهي علي، جيڪي شهرِ علم جو دروازو آهن ۞ اهي علي، جيڪي ولايت جا بادشاهه آهن ۞ اهي علي، جيڪي فاتح خيبر به آهن ۞ شيرِ مرحب شِڪن به آهن ۞ اهي علي، جن جي محبت ايمان جي نشاني آهي ۞ اهي علي، جن کي ڏسڻ عبادت آهي ۞ اهي علي، جيڪي پاڻ جنتي آهن ۽ جن جا شهزادا جنتي نوجوانن جا سردار آهن، اهي مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه به

1 ابن حبان، كتاب اخباره عن مناقب الصحابة،ذكر قتال على...الخ، صفحه:1853، حديث:6937۔

نَعْلَيْن مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت انجام ڏيڻ وارن مان آهن.

توهان غور ڪريو تہ جڏهن نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن جي سلائي ڪرڻ وارن جو اهڙو شان آهي تہ پوءِ غارِ ثور ۾ سرڪار جي خدمت ۾ پنهنجي جان داءَ تي لڳائڻ واري صديقِ اڪبر جي شان جو ڇا عالم هوندو....؟

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صدّیقِ اکبر کا
ہے یارِ غارِ محبوبِ خدا صدّیقِ اکبر کا

خدا اِکرام فرماتا ہے اَتْقٰی کہہ کے قرآں میں
کریں پھر کیوں نہ اِکرام اَتْقِیا صدّیقِ اکبر کا

گدا صدّیقِ اکبر کا خدا سے فَضْل پاتا ہے
خدا کے فَضْل سے میں ہوں گدا صدّیقِ اَکْبر کا (1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مولا! هن کي خوشيون نصيب فرماءِ

علامہ ابوسعيد نيشاپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: روايت آهي تہ انصار سان تعلق رکڻ وارو هڪ ننڍو بار هو. ظاهر آهي تہ اهو بہ صحابي هو. ان جي عشق جو انداز ڏسو ڪهڙو هو! سندن عمر جيتوڻيڪ ننڍي هئي، پر عشق ۾ ڪمال جي درجي تي پهتل هئا. سندن عادت هئي تہ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي رستي ۾ ويهي رهندا هئا. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسجد ڏانهن ويندي اتان گذرندا هئا تہ هُو سندن پنيان پنيان هلڻ لڳندا هئا.

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مسجد پهچي نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن لاهيندا هئا تہ هي فوراً ان کي کڻي، پنهنجن ڪپڙن سان صاف ڪري، پاڻ وٽ رکي ڇڏيندا هئا. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم واپس تشريف ٿيندا هئا تہ پنهنجن هٿن سان نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن پيش ڪندا هئا.

ڪجهه ڏينهن تائين ائين ئي ٿيندو رهيو. آخرڪار ڪرم جو درياءُ

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:76-77 ملتقطًا۔

جوش ۾ آيو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: پٽ! تون ڪير آهين؟ عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! انصارن مان آهيان. فرمايائون: نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن جي اهڙي خدمت ڪرڻ لاءِ توکي ڪنهن چيو آهي؟ عرض ڪيائين: مون کي ڪنهن بہ ناهي چيو، بس دل ۾ محبت جاڳي تہ اهڙي طرح خدمت ڪري اوهان کي خوشي پهچايان، تنهنڪري خوشي پهچائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. اِهو ٻڌي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دعا جي لاءِ هٿ بلند ڪيا ۽ دعا ڪيائون: اي الله پاڪ! هن ٻار مون کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اي الله پاڪ! هن کي دنيا ۽ آخرت جون خوشيون عطا فرماءِ“.[1]

جو سر پہ رکھنے کو مل جائے نعلِ پاکِ حضور | تو پھر کہیں گے کہ ہاں تاجدار ہم بھی ہیں[(2)]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! نَعْلَيْن مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو بہ ڪيڏو نہ نرالو شان آهي، جو جيڪو ڪجهہ ڏينهن لاءِ ئي سهي انهن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري وٺندو آهي، اهو ٻنهي جهانن جون خوشيون حاصل ڪري وٺندو آهي.

## الله جي رِضا حاصل ڪرڻ جو نسخو

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم سان گڏ تشريف فرما هئا. جڏهن محفلِ شريف برخاست ٿي، يعني پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اٿڻ جو ارادو فرمايو تہ هڪ ننڍڙي عمر وارا صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فوراً اڳتي وڌيا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن کنيائون ۽ سندن خدمت ۾ پيش ڪيائون! ڪرم جو درياءُ جوش ۾ آيو، فرمايائون: تون الله پاڪ جي رضا چاهِي، الله پاڪ توکان راضي ٿي

---

1 شرف المصطفیٰ، جلد:4، صفحہ:536۔
2...ذوقِ نعت، صفحہ:188۔

ويو.

راوي فرمائن ٿا: دعاءِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت سان ان صحابي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ ڏاڍي سڪون واري زندگي گذاري، آخرڪار شهادت جو رُتبو ماڻي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا.[1]

وہ بھی تھے جنہوں نے خدمت کی اُس نعل پاک محمّد کی

اُن روشن قسمت والوں کا یہ تاجِ سعادت کیا کہنا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نَعۡلَيۡنِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو شان آهي، جو جيڪو هڪ گهڙيءَ لاءِ به انهن جي خدمت بجا آڻيندو آهي، اُهو ٻنهي جهانن جون ڀلايون حاصل ڪري وٺندو آهي.

## انبياءِ ڪِرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام ۽ نعلِ پاڪ جو ادب

هي ته مون صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جا ڪجهه واقعا عرض ڪيا، هاڻي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي سڀ کان افضل امتين، يعني بلند شان وارن انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام جا ارشادات ٻڌو!

۞ الله پاڪ جا نبي حضرت يحيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام، جيڪي بلند شان وارا نبي آهن، هڪ ڀيري پاڻ ماڻهن کي جمع ڪيائون ۽ پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي آمد جا چرچا ڪيائون. سندن مبارڪ لفظ اڄ به **انجيلِ متيٰ** ۾ موجود آهن، جن جو انگريزي ترجمو هن طرح ڪيو ويو آهي. پاڻ فرمايائون:

***He That Cometh after me is mightier then I***

يعني اي انسانو! ٻڌي ڇڏيو ...!! اُهي نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم، جيڪي مون کان پوءِ تشريف کڻي ايندا، اُهي مون کان به گهڻو وڌيڪ طاقت وارا آهن.

***Whose shoes I am not worthy to bear***

يعني هُو اهڙي شان وارا آهن جو مان سندن نَعۡلَيۡنِ شَرِيۡفَيۡن کڻڻ جي لائق به نه

1 مسند بزار، جلد:13، صفحه:314، حديث:6912ـ

آهيان.

**ضروري وضاحت:** ياد رهي! انجيل شريف آسماني ڪتاب آهي، ان تي ايمان آڻڻ ضروري آهي، البته! هاڻي جيڪو انجيل جي نالي سان بائبل ملي ٿو، اهو اصل آسماني ڪتاب ناهي، ان ۾ ماڻهن گهڻي رد و بدل ڪري ڇڏي آهي، خدا ۽ رسول جي دشمنن ان مان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون تعريفون مٽائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي پر..

مٹ گئے، مٹتے ہیں، مِٹ جائیں گے اعدا تیرے
نہ مٹا ہے، نہ مٹے گا کبھی چرچا تیرا[(1)]

۞ اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي متعلق روايت آهي ته هڪ ڀيري پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کان رسولن جي تاجدار، مڪي مدني سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ پڇيو ويو. پاڻ فرمايائون:

اِنَّهٗ نَبِيُّ آخِرِ الزَّمَانِ، وَاِنِّي لَاَرْجُوْ اَنْ اَكُوْنَ اَهْلًا لِاَنْ اَحُلَّ شِرَاكَ نَعْلِهٖ

**ترجمو:** اُهي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، مان اميد ڪريان ٿو ته مون کي سندن نَعۡلَيۡنِ شَرِيۡفَيۡن جون ڪُهِيُون کولڻ جو شرف نصيب ٿي وڃي.

الله! الله...!! هي بلند شان وارا انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام آهن ۞ حضرت يحيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو شان قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۞ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام بيمارن کي شِفا ڏيڻ وارا، ❁نابينن کي بينائي عطا ڪرڻ وارا، ❁ڪوڙهين کي هٿ لڳائي صحتياب ڪرڻ وارا، ❁مٽيءَ جي پکين ۾ ڦوڪ هڻي انهن کي زنده ڪرڻ وارا، مُردن کي جيئرو ڪرڻ وارا، ❁ايڏي وڏي شان وارا نبي آهن، پر اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ عظمت ڪهڙن لفظن سان بيان فرمائي رهيا آهن. پوءِ اسان جو ته ڇئون:

1...حدائق بخشش، صفحه:29۔

سب سے اولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی
سب سے بالا و والا ہمارا نبی

خَلق سے اولیا، اولیا سے رُسُل
اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی

ملکِ کونین میں انبیا تاجدار
تاجداروں کا آقا ہمارا نبی (1)

## نقشِ نعلِ پاڪ جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري نبي، سني نبي، سچي نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن جو تہ ڇا شان هوندو، پر پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نعلِ شريف جو مبارڪ نقش، جيڪو عام طور تي ملي ويندو آهي، ان جون بہ اهڙيون اهڙيون برڪتون آهن جو بس ڇا ٻڌايان!

شيخ طريقت، اميرِ اهلِسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: اَلحمدُلِلّٰه! مون نعلِ پاڪ جي موضوع تي ڪافي ڪم ڪيو آهي. مون اهڙيون حڪايتون بہ گڏ ڪيون آهن، جيڪي صديون اڳ وارن بزرگن پنهنجن ڪتابن ۾ لکيون آهن. مثال طور: ۞ هڪ عمارت ڪري پئي، جنهن جي هڪ پٽ تي نعلِ پاڪ جو نقش نهيل هو، تہ اها پٽ ٽيڙي ٿي بيهي رهي ۽ غالباً ان کي ڪو نقصان نہ پهتو، جڏهن تہ شايد باقي پٽيون ڪِري پيون هيون[2] ۞ اهڙي طرح 20 يا 25 سال پراڻي ڳالهہ آهي تہ مان هڪ ڀيري هوائي جهاز (*Aeroplane*) ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس تہ هڪ ماڊرن (*Modern*) شخص منهنجي پرسان ويٺو هو. مون هن کي سلام ڪري تعلق قائم ڪيو تہ جيئن کيس سمجهائي سگهان. مون کيس دعوتِ اسلامي بابت ٻڌايو تہ هن مون کي نعلِ پاڪ جو ڪارڊ ڏيکاريندي چيو: توهان وٽ بہ اهو

---

1 …حدائقِ بخشش، صفحہ:138-139 ملتقطاً۔
2 فتح المتعال فی مدح النعال ، الباب الرابع خواص و منافع …الخ، صفحہ:470-471 ملخصاً۔

ئي هوندو آهي ۽ مون وٽ بہ اهو ئي آهي. پوءِ هُن پنهنجو واقعو ٻڌائيندي چيو: ”مان هڪ ڀيري ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس تہ رستي ۾ ڀاڙي بينو هو، جنهن ۾ منهنجي سڄي ڪار ٻڏي وئي، ايتري تائين جو بلڪل پاڻيءَ ۾ غائب ٿي وئي. منهنجي کيسي ۾ نعلِ پاڪ جو ڪارڊ هو، جنهن جي برڪت سان اَلحمدُلِلّٰه! منهنجي ڪار بيهر مٿي اچي وئي ۽ مان ٻاهر نڪري ويس“. اُن شخص کي نعلِ پاڪ تي ايترو اعتماد ان ڪري هو جو نعلِ پاڪ کي منهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان نسبت حاصل آهي ۽ ڳالهہ بہ سڄي نسبت جي ئي آهي. ڏسو! جڏهن پوليس وارو بچائي سگهي ٿو، هٿيار بچائي سگهي ٿو، تہ نعلِ پاڪ جو نقش الله پاڪ جي عطا سان ڇو نہ ٿو بچائي سگهي؟ ياد رهي تہ حقيقت ۾ بچائڻ وارو الله پاڪ آهي، باقي سڀ اسباب هوندا آهن. جهڙي طرح ڊاڪٽر (*Doctor*) بہ علاج ڪري دوا جي ذريعي بچائيندو آهي، اهڙي طرح دنيا عالمِ اسباب آهي. روايتن ۾ اهو بہ آهي تہ هر شخص تي بچائڻ وارا مُحَافِظِيۡن(*Guards*) فرشتا مقرر هوندا آهن، جيڪي اڪين ۽ سڄي وجود جي حفاظت ڪندا آهن ۽ اهي ڏينهن رات تبديل ٿيندا رهندا آهن. ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيندو آهي تہ ماڻهو ڪِرندي ڪِرندي سنڀلجي ويندو آهي، يا تيز رفتار گاڏي ايندي آهي ۽ اوچتو ڪو اهڙو ڪرشمو ظاهر ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو اتان هٽي ويندو آهي ۽ بچي ويندو آهي. حقيقت ۾ ان جي حفاظت ڪرڻ وارا فرشتا هوندا آهن، جيڪي ان جي حفاظت ڪري رهيا هوندا آهن ۽ اِهو سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي عطا سان ئي ٿيندو آهي. نعلِ پاڪ جو نقش بہ الله پاڪ جي عطا سان حفاظت جو سبب بڻجندو آهي، تنهنڪري ان بابت وسوسن ۾ پوَڻ جي ضرورت نہ آهي.[1]

۞ حضرت علامہ امام احمد تِلمِسَاني (*Tilmisani*) رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: مون

1 نقشِ نعلِ پاک کی برکات کی حکایات، صفحہ:1-2۔

ڪي هڪ قابلِ اعتبار شخص پنهنجو واقعو ٻڌايو تہ هڪ ڀيري مون کي هڪ سخت بيماري ٿي پئي، جنهن جي ڪري قريب هو تہ مان مري وڃان ها. الله پاڪ مون کي الهام فرمايو: يعني منهنجي دل ۾ خيال پيدا ڪيو تہ مان نقشِ نَعْلَيْن مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان دعا ڪريان، تنهنڪري مون ائين ئي ڪيو تہ الله پاڪ مون کي شفا عطا فرمائي ۞ اهڙي طرح هڪ ٻي حڪايت نقل ڪن ٿا تہ مون کي ڪجهہ قابلِ اعتماد دوستن ٻڌايو تہ هنن ڪيترائي ڀيرا اهڙن ملڪن جو سفر ڪيو، جن جي رستن تي هر وقت چورن ۽ ڌاڙيلن جو خوف رهندو هو ۽ عام طور ڪو بہ مسافر انهن جي ڦرلٽ کان بچي نہ سگهندو هو، پر جيئن تہ انهن وٽ نقشِ نَعْلَيْن موجود هوندو هو، تنهنڪري ان جي برڪت سان ڪيترائي ڀيرا چورن ۽ ڌاڙيلن سان سامهون ٿيڻ جي باوجود الله پاڪ کين انهن جي شر کان محفوظ رکيو.[1]

## لاعلاج مرض کان شِفا ملي وئي

علامہ تِلمِساني لکن ٿا: شيخ عبد الخالق مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن. فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي هڪ ڦُرڙِي نڪتي. خبر ناهي ڪهڙي قسم جي ڦُرڙِي هئي، نيڪ ٿيڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتائين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، پر ڪنهن کي سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ ڇا آهي؟ جڏهن سمجهہ ۾ ئي نہ اچي رهيو هو تہ علاج بہ نہ ٿي رهيو هو. مان تمام گهڻي تڪليف ۾ هئس. هڪ ڏينهن اوچتو مون کي نقشِ نعلِ پاڪ جون برڪتون ياد اچي ويون، تنهنڪري مان نقشِ نعلِ پاڪ پنهنجي زخم تي رکيو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي: اي الله پاڪ! جنهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نعلِ پاڪ جو هي نقش آهي، انهن جي صدقي مون کي شِفا عطا فرماءِ. اَلحمدُلِلّٰه! نقشِ نعلِ پاڪ جي برڪت سان ان لاعلاج ڦُرڙِيءَ

1 فتح المتعال فی مدح النعال ، الباب الرابع خواص و منافع ...الخ، صفحہ: 472 ۔

ڪان مون کي نجات ملي وئي.

## جهاز بچي ويو

علامہ تِلمِسَاني رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جن نَعۡلَيۡن شريف جي فضائل تي ڪتاب لکيو آهي، پاڻ پنهنجو واقعو لکندي فرمائن ٿا: **1027** هجريءَ جي ڳالهہ آهي، مان سامونڊي جهاز تي سفر ڪري رهيو هئس. رستي ۾ هڪ هنڌ سمنڊ تمام گهڻي جوش ۾ هو. ڇولين جي تيز وهڪري سبب اسان جي جهاز جا ڪيترائي تختا ٽٽي ويا هئا. هاڻي صرف موت اکين جي اڳيان نظر اچي رهيو هو. جيترا بہ سامونڊي سفر جو تجربو رکڻ وارا ماڻهو هئا، انهن سيني آسرو لاهي ڇڏيو تہ هاڻي اسان کي موت کان ڪو بہ بچائي نہ ٿو سگهي. فرمائن ٿا: ان وقت مون وٽ نقشِ نعلِ پاڪ موجود هو. مون اهو مبارڪ نقش جهاز جي ڪپتان ڏانهن موڪليو ۽ چيو: ”ان کي پرسان رکي جهاز هلائيندا رهو!

اَلحمدُلِلّٰه! نقشِ پاڪ جي برڪت فوراً ظاهر ٿي ۽ اسان جو جهاز انهن طوفاني لهرُن مان سلامتيءَ سان گذري ويو.[1]

ہو دفعِ بلا، مرضوں کو شفاء اور فتح و نصرت بَرۡ اَعۡدَا
یہ اُس کا اثر، یہ فیض اُس کا یہ اُس کی برکت کیا کہنا
سینے سے لگا، آنکھوں میں بسا، سر پر اسے رکھ کر مانگ دُعا
ہاں! اُس کے توسل سے بَرۡ ہاں، کُھل جائے گی قسمت کیا کہنا

پيارا اسلامي ڀائرو! نقشِ نعلِ پاڪ جون بيون بہ ڪيتريون ئي برڪتون آهن، جيڪي علماءِ ڪرام پنهنجن ڪتابن ۾ لکيون آهن. اسان کي بہ گهرجي تہ نقشِ نعلِ پاڪ پاڻ وٽ رکون ۞ عمامي شريف ۾ رکي ڇڏيون ۞ ٽوپيءَ

1 فتح المتعال فی مدح النعال ، الباب الرابع خواص و منافع ...الخ، صفحہ: 472 ۔

جي اندر سلائي ڪرائي ڇڏيون ۞ نہ تہ ڪيسي ۾ ادب سان رکون ۞ گھر ۾ لٽڪايون ۞ پيتين تي لڳايون ۞ مشورو آهي تہ گھر جي هر هڪ فرد کي الڳ الڳ نقشِ پاڪ ڏئي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آفتن ۽ بلائن کان حفاظت رهندي.

## انبياءِ ڪِرام جا نعلين سڪون جو باعث هوندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآن مجيد ۾، ٻئي سيپاري جي آخر ۾ تابوتِ سڪينہ جو ذڪر فرمايو آهي. ٿيو ائين تہ حضرت طالوت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بني اسرائيل جو بادشاهہ مقرر ڪيو ويو. بني اسرائيل هن فيصلي جي مخالفت ڪئي تہ طالوت تہ غريب آهي، هي بادشاهہ ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟ ان تي ان وقت جي نبي حضرت شموئيل عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي حڪم سان فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖۤ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ (پارو: 2، سورة بقرة: 248) | ترجموڪنزالعرفان: ان جي بادشاهي جي نشاني هي آهي جو توهان وٽ اهو تابوت اچي ويندو جنهن ۾ توهان جي رب جي طرف کان دلين جو سڪون آهي. |

هتي تابوت جي اندر موجود شين کي الله پاڪ سڪينہ فرمايو. ان صندوق ۾ ڇا هو؟ اهو بہ قرآن ڪريم کان ئي پڇي ونو. ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ (پارو: 2، سورة بقرة: 248) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ معزز موسيٰ ۽ معزز هارون جي ڇڏيل شين جو بچيل آهي |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: ان تابوت ۾ توريت شريف جي تختين جا ٽڪرا، حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا ڪپڙا، سندن نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن (يعني مبارڪ جُتِيون)، حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جو عمامو ۽ سندن مبارڪ لٺ هئي. بني

اسرائيل کي جڏهن بہ ڪا مشڪل پيش ايندي هئي تہ هُو ان تابوت کي سامهون رکي دعا گهرندا هئا، انهن جي دعا قبول ٿيندي هئي ۽ ان تابوت جي برڪت سان ڪين جنگين ۾ فتح حاصل ٿيندي هئي. (1)

سُبْحٰنَ الله! اندازو لڳايو! جڏهن حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن جي اها برڪت آهي جو قرآن ڪريم انهن کي دل جي سڪون جو سبب قرار ڏئي رهيو آهي، ان جي برڪت سان مشڪلون دور ٿي رهيون آهن، دعائون قبول ٿي رهيون آهن ۽ جنگين ۾ فتح نصيب ٿي رهي آهي تہ پوءِ جيڪي حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا بہ آقا آهن، يعني اسان جا نبي، پيارا نبي، سچا نبي، سنا نبي، آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، انهن جي نَعْلَيْنِ شَرِيْفَيْن ۽ ان جو نقشِ پاڪ دل جي سڪون ۽ چين، مشڪلاتن جي حل ۽ دعائن جي قبوليت جو سبب ڇو نہ هوندو؟

تجربي مان ثابت آهي تہ اَلحمدُلِله! نقشِ نعلِ پاڪ جون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. تنهنڪري نقشِ نعلِ پاڪ پاڻ وٽ رکڻ جي عادت ضرور اختيار ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ چاهيو تہ بيمارين کان شفا ملندي، تنگدستين کان نجات ملندي، آفتن کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار بہ عطا ٿيندو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! درست اسلامي عقيدا سکڻ، عمل جو جذبو پيدا ڪرڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 ديني

1...تفسير صراط الجنان، پاره:2، سورة بقره، تحت الآية:248، جلد:1، صفحه: 373، بتغير.

ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! ڪوڙ ساريون برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **نيڪ اعمال** رسالي جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺڻ بہ آهي.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ

(پارو: 28، سورة حشر: 18)

ترجموڪنزالعرفان: هر جان ڏسي تہ ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي.

۞ سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عقلمند اهو آهي، جيڪو پنهنجو محاسبو ڪري ۽ مرڻ کان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري.[1] ۞ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو اِهو ئي آهي تہ اسان پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا رهون. موجوده دور ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو عطا ڪيو آهي ۽ اهو آهي: **نيڪ اعمال جو رسالو** ۞ وڏي عمر وارن اسلامي ڀائرن جي لاءِ **نيڪ اعمال رسالي** ۾ 72 سوال جواب لکيل آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا پرڻا هوندا آهن ۞ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ۞ هِن جي ذريعي نہ ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان بہ هي رسالو خريد ڪريو! روزانو پنهنجو جائزو وٺندا رهو!

اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ اخلاق سنورجي ويندا ۞ ڪردار سنو ٿيندو ۞ عادتون بهتر ٿينديون ۞ نيڪين تي استقامت ملندي ۞ گناهن کان نفرت ٿيندي ۞ دل روشن ٿيندي ۞ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ روحانيت حاصل ٿيندي ۽ ۞ فڪرِ

1... ترمذی، صفحہ:583، حدیث:2459بتغیر قلیل۔

آخرت نصيب ٿيندو. اچو تہ ترغيب خاطر هڪ مدني بهار پڙهون ٿا.

## روزانو جائزو وٺڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ اَلحمدُلِلّٰه! مون کي **نيڪ اعمال** سان پيار آهي ۽ ان جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺڻ منهنجو معمول آهي. هڪ ڀيري مان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هئس تہ انهيءَ دوران مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو. ٿيو ائين جو رات جو جڏهن مان سمهيس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف کڻي آيا. اجان مان سندن جلوَن ۾ ئي گُم هئس تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪي قافلي ۾ روزانو نيڪ اعمال جي رسالي ذريعي پنهنجو جائزو وٺندا آهن، مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفیٰ
کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز(*Prayer Times*)ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جديد ذريعن سان بہ قرآن ۽ سنت جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن، **اوقاتِ نماز**(*Prayer Times*)جي نالي سان جاري ڪئي آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ علائقي جي نماز جا وقت ۽ قبلي جو طرف معلوم ڪري سگهجي ٿو ۞ جماعت جي وقت موبائل کي پاڻمرادو خاموش (*Auto Silent*) ڪرڻ جو آپشن بہ موجود آهي ۞ ان ڪان

علاوه قرآن پاڪ عربي متن، ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ۞اذڪار (روحاني علاج) پڻ ڏنا ويا آهن ۞ ڪائونٽر تسبيح جي ذريعي توهان پنهنجا روزاني جا اوراد پڙهي سگهو ٿا ۞ هن ايپليڪيشن جي ذريعي توهان ريڊيو مدني چينل ٻڌي سگهو ٿا ۞ اذڪارِ نماز کي بہ تجويد سان شامل ڪيو ويو آهي ۞ عيسوي ۽ اسلامي ڪيلينڊر (*Calendar*) جي سهولت بہ موجود آهي ۞ ان کان علاوه توهان هن ايپلي ڪيشن جي ڊيش بورڊ (*dashboard*) کي ٻن رنگن واري ٿيم (*Two Color Theme*) ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءُ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

۞ پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! ماهِ ربيعُ الاول شريف جي مدني مذاڪرن جو سلسلو جاري آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻارهين جي رات تائين اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي مان براهِ راست (*Live*) اِهي مدني مذاڪرا فرمائيندا. عاشقانِ رسول (جيڪي اچي سگهن ٿا، اُهي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي ۾ تشريف ڪٺي اچي انهن مدني مذاڪرن ۾ شامل ٿين، چاهن تہ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ اجتماعي طور تي انهن مدني مذاڪرن کي ڏسڻ جو اهتمام ڪن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ❀ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **اَربعِينِ عطار (قسط:4)** جو اعلان ڪيو

ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو ❀ مڪتبةُ المدينہ سي ڪان آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت ۽ سندن بهترين زندگيءَ جي خوبصورت واقعن ۽ معجزن تي مشتمل زبردست ڪتاب **سيرتِ مصطفيٰ** ۽ **سيرتِ مصطفيٰ جانِ رحمت** شايع ڪيا آهن. توهان ڪتاب سيرتِ مصطفيٰ **1180 روپين** ۾، جڏهن تہ ڪتاب سيرتِ مصطفيٰ جانِ رحمت **450 رپين** ۾ مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيلِي ٽون جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي قرآن ۽ سنت جي عالمي سطح تي خدمتن سان گڏوگڏ مسلمانن لاءِ فلاحي ڪم پڻ ❀ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان !سرانجام ڏئي رهي آهي. اَلحمدُلِلّٰه **200** ڪان **هزار 24** دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ❀ تقريباً وڏيڪ جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ فل ٽائيم ۽ شارٽ **97 هزار** ڪان وڏيڪ شاگرد ۽ **لک 5** ٽائيم) قائم آهن، جن ۾ تقريباً شاگردياڻيون حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*)، فرض عُلوم ۽ ٻيا ڪورس ڪري رهيا آهن ❀ هن وقت **دارالافتاء اهلِسنت** قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي **24** تائين تقريباً آهي ❀ **المدينةُ هزار** رهنمائين جو تعداد سراسري طور هر مهيني **30** **العلميہ** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم **ڪتابن ۾ 2209** ڪيو پيو وڃي. اَلحمدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين

**رسالن** تي ڪم تي چڪو آهي.

❁ سوشل ميڊيا جي مختلف پليٽفارمن تي مجموعي طور تي فالوئرز جو انگ لڳ ڀڳ **7 ڪروڙ 27 لک** تائين پهچي چڪو آهي. ايف جي آر ايف (FGRF) تحت **87 هزار 452** رت جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن، **1 ڪروڙ** کان وڌيڪ ماڻهن جي امداد ڪئي وئي آهي، هيلٿ ڪيئر سينٽر مان 1 لک کان وڌيڪ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن، جڏهن ته اٽڪل **35 لک** بوٽا لڳايا ويا آهن.

انهن ڪمن ۾ دعوتِ اسلامي جي سمورن ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا اربين رپين جا خرچا آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! **6 سيپٽمبر 2026ء** تي **ٽيليٿون** ٿيڻ وارو آهي. پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو.

**توهان جي چندي، يعني ڊونيشن کي ڪنهن به جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اجتماع ميلاد و جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جو مبارڪ ڏينهن تشريف آڻي رهيو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام شبِ ميلاد هڪ عظيم الشان اجتماعِ ميلاد ٿيندو آهي، جنهن ۾ روح پرور نعت خواني

ﺑﻪ ٽيندي آهي، ايمان افروز بيان ﺑﻪ ٿيندو آهي ۽ آقا جا پروانا پنهنجي آقا ۽ مولا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ جهومي جهومي درودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪندا آهن، ۽ صلوٰة و سلام پڙهندي صبح بهاران جو شاندار استقبال ڪندا آهن.

توهان ﺑﻪ هن عظيم الشان اجتماع ۾ ۽ ٻارهين شريف تي نڪرندڙ جلوسِ ميلاد ۾ لازمي شريڪ ٿيندا! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ❁ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ ❁محبت سان نعتون ٻڌڻ ❁پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ٻڌڻ ۽ پوري ذوق و شوق سان ”آمدِ مصطفيٰ“ جا نعرا هڻڻ جي سعادت حاصل ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا! صد مرحبا! | گود میں آئی رب کی رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت و شان و شوکت | مرحبا! صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا! صد مرحبا! |

پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول شريف جي پرمسرت موقعي تي هزارين اسلامي ڀائر مدني قافلن جا مسافر بڻجندا آهن. اوهان ﺑﻪ سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ، نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۽ ڀرپور طريقي سان پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جشنِ ولادت ملهائڻ لاءِ مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪريو. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِى فَقَدْ اَحَبَّنِى وَمَنْ اَحَبَّنِى كَانَ مَعِىَ فِى الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽

جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حُسنِ اخلاق سُنَّتِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا 2 فرمان: [1]: ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل اُهي آهن، جن جا اخلاق سٺا آهن. [2] [2]: حُسنِ اخلاق کان وڌيڪ بهتر مسلمان کي ڪا شيءِ نہ ڏني وئي آهي. [3]

اي عاشقانِ رسول! حُسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ آهي ۞ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هر هڪ سان خوش اخلاقي ۽ ملنساريءَ وارو ورتاءُ فرمائيندا هئا ۞ نہ ڪڏهن دڙڪو ڏيندا هئا، نہ ئي چڙٻ ڏيندا هئا ۞ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ڏسي مسڪرائيندا هئا، انهن سان ۽ انهن جي ٻارن سان خوش طبعي فرمائيندا هئا ۽ ٻارن کي پنهنجي مبارڪ هنج ۾ ويهاريندا هئا ۞ مريضن جي عيادت فرمائيندا هئا ۞ مجلس ۾ ڪڏهن بہ پير ڈگهيڙي نہ ويهندا هئا ۞ سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ۞ سيني کي سنن نالن سان سڏيندا هئا ۞ ٻئي جي ڳالهہ اڌ ۾ نہ ڪٽيندا هئا.

اللہ پاڪ اسان کي بہ اخلاقِ مصطفيٰ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بنا دو صبر و رضا کا پيکر | بنوں خوش اخلاق ايسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبيعت | نبیِّ رحمت شفيعِ اُمّت

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.
2...ابو داود، ڪتاب السنہ، بابِ دليل على زيادة الايمان، صفحہ:737حديث: 4682.
3 ...شعب الايمان، باب فی حسنِ خلق، جلد:6، صفحہ:235، حديث:7992.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم